امير علي شاهه

# قاضي قادن جي ڪلام ۾ وحدت الوجود


***Abstract***

**The Concept of oneness of Being in the Poetry of Qazi Qadan**

*Mysticism is the way of spending life. This is single philosophy which is merged eventually in all over the religions of the world. "Mystic" is the only common factor which is observed in all religions, from Greeks to Hindus and Jews to date, Qazi Qadan is the first recognized poet of the Sindhi language. He has given value to human needs and deeds. Being a Sindhi poet Qazi Qadan has preached in Mystic way. In this research paper, I have tried to explore the Mysticism in poetry of Qazi Qadan.*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**قاضي** قادن سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر جو صوفي بزرگ ۽ ڪلاسيڪل شاعر هو. هو سنڌ توڙي هند جو وڏو صوفي شاعر هئڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون وڏو شاعر، سنڌي اساسي شاعرن جي صف ۾ سڀ کان اول ۽ سنڌي شاعريءَ جي بانيڪار شاعرن جو اڳواڻ پڻ مڃيو وڃي ٿو.قاضي قادن سنڌي شاعري کي ادبي معيار عطا ڪيو. هن سنڌي شاعريءَ کي چارڻ، ڀٽن جي قصيدن ۾ سمايل مبالغي جي ڏيڻ مان ڪڍي ان کي فڪر ۽ فلسفي جي پختي زمين تي پوکيو ۽ ان اهو بنياد ڏنو، جنهن تي اڳتي هلي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي عمارت نہ صرف اڏجي راس ٿي بلڪ اهڙي تہ جٽادار ٿي جو ان تي سنڌي شاعريءَ جي شاندار عمارت کڙي ٿي. ان کان اڳ سنڌي شاعري قصيدن، مذهبي پرچار ۽ لوڪ ڪٿائن تائين محدود هئي.

'تاريخ معصومي' جو ليکڪ: قاضي قادن لاءِ لکي ٿو تہ، قاضي قادن طرحين طرحين جي علمي فضيلتن سان سينگاريل هو. قرآن مجيد ياد هوندو هئس. قرئت ۽ تجويد جو علم ڄاڻندو هو. حديث، تفسير ۽ اصول فقہ تي ڪافي عبور رکندو هو.

انشاءَ ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو. (1)

قاضي قادن سنڌي شاعريءَ ۾ مذهبي رنگ کان پاسو ڪندي، ان ۾ تصوف ۽ معرفت جا ڳُوڙها روحاني راز ۽ معنيٰ جا موتي پريا. ان دؤر ۾ هِن صوفي بزرگ، شاعريءَ لاءِ ڏيهي زبان جي چونڊ ڪئي ۽ بيت جي صنف ذريعي، تصوف جي ڳُوڙهن نڪتن، روحاني فڪر، پاڻ سڃاڻڻ ۽ وحدانيت جي فلسفي کي بيان ڪيو. انهي فڪر ذريعي هُن اڻ گهڙيل سنڌي شاعريءَ کي نئين سوچ ۽ نئين تخيلاتي سگهه ڏني، جنهن جي آڌار تي سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جي ترنم ۽ موسيقيت ۾ ڦير گهير آئي.

صوفين جو چوڻ آهي ته، خدا پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، هو هر شيءِ تي قادر آهي. اها ذات اول به آهي، آخر به آهي، ظاهر به آهي ۽ باطن به آهي. دنيا جي هر شيءِ مالڪ حقيقي جي شاهدي ٿي ڏيئي ته بيشڪ هُو لاشريڪ آهي ۽ هن جو ڪو همسر ڪونهي. جڏهن انسان خدا پاڪ سان محبت ڪرڻ جي درجي تي پهچي ٿو ته هو به ساڻس محبت ڪري ٿو.

صوفي مت ۾ ڪائنات ۽ خدا کي سمجهڻ ۽ سچائي پروڙڻ لاءِ پاڻ سڃاڻڻ ضروري آهي. قاضي قادن به پنهنجي شاعريءَ ۾ پاڻ سڃاڻڻ تي زور ڏئي ٿو، جڏهن انسان پنهنجي ذات جي خوديءَ کي ختم ڪري ٿو ته تڏهن ئي هو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ٿو، پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ سان ئي انسان معرفت جي منزل کي پهچي ٿو. ڇاڪاڻ ته خود شناسيءَ کان پوءِ ئي هو ان دعويٰ ڪرڻ جي قابل ٿئي ٿو ته هاڻي هو ٻين کي به سڃاڻي ٿو ۽ خدا پاڪ کي سڃاڻڻ جي هام به هڻي سگهي ٿو.

“ پڻ ڀرين پاڻ ٻرڪ، پرين پرکڻ سؤکڙا،
ڪُو ڀِري سوئي رَڪ، جِتان ڏِڪائون ٻِهين.”
(بيت. 1، ص. 170)

مقصد ته پهرين انسان پاڻ کي پرکي ته مان آهيان ڪير؟، منهنجو وجود ڇا آهي ؟ ۽ منهنجي اندر ۾ ڪهڙي شيءِ سمايل آهي. ڇاڪاڻ ته پاڻ سڃاڻڻ ۽ خوديءَ کي ترڪ ڪرڻ سڀ کان ڏکيو مرحلو آهي. صوفين چواڻي: “حقيقي پرين کي سڃاڻڻ تمام سولو آهي، در ٻُڌو ئي ڀڄل، هتان ئي توکي نعمتون نصيب ٿينديون.”

“صوفين جو مقصود به الله آهي ته مطلوب ۽ محبوب به اهو ئي آهي. هُنن جو اُٿڻ ويهڻ، جيئڻ، مرڻ، ويچارڻ ۽ عبادت الله پاڪ خاطر ئي هوندا آهن. جيڪڏهن نماز

ادا ٿو ڪري ته اها به ايمان ۽ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ نه عادت طور. جيڪڏهن الله تعالي جي وصف بيان ٿو ڪري ۽ سندس وحدانيت جو اظهار ٿو ڪري، ته اهو به محض زبان سان نه، بلڪ دل جي گهراين مان ڪري ٿو. انسان ذات جي خدمت ڪري ٿو ته اهو به رب جي خوشنوديءَ خاطر. الله تعالي جو عشق سندس رڳ رڳ ۾ نس نس ۾ سمايل آهي. جيڪڏهن مٿس ڪا مصيبت اچي ٿي ته، صبر سان برداشت ڪري ٿو، ظلم جي دانهن پنهنجي مولا کي ڏئي ٿو. هو دنيا جي حڪمرانن کان بي نياز آهي، سندس سجدو صرف پنهنجي محبوب حقيقي کي آهي." (2)

قاضي قادن وٽ وحدت الوجود جو فڪر منظم ۽ دل تي بيهي وڃڻ جهڙي انداز ۾ ملي ٿو. ذات حقيقي جو جلوو انسان ذات جي اندر ۾ جاري ۽ ساري آهي، انهيءَ ڪري جيڪڏهن پنهنجي پاڻ کي فنا ڪري ڇڏبو، ته فقط اها ذات حقيقي قائم ۽ دائم رهندي، ان کان پوءِ جيئن ته هو پاڻ رهندو ئي ڪونه. انهيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ نه جهنگ جهاڳڻا پوندا، نه ئي وري ڏيه ڏورڻا پوندا، بلڪ پاڻ وڃائڻ سان ئي هُن منزل ممڪن آهي. پنهنجي نفس کي ضبط ۾ آڻڻ لاءِ هزارين تڪليفن کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي. سختي سهڻ ۽ پنهنجي رت ولوڙڻ سان ئي حقيقي ذات جو مشاهدو ٿئي ٿو.ُ هُن ئي حقيقي ذات انسان جي اندر ۾ ئي سمايل آهي.

" ليهان لڪ ڪيام، پسڻ کي پاڻان پرين،
سوجهي سيڻ لڌام، مَن مَنهين ئي سُپرين."
(بيت.5، ص. 173)

"مون پنهنجي پرين کي پاڻ کان ٻاهر ڳولڻ ۽ ڏسڻ لاءِ لکين تڪليفون ڪيون، آخرڪار ( اندروني نِرت ۽ سُرت سان) جانچي نهاري مون پنهنجا پرين پنهنجي اندر ۾ ئي لڌا." (3)

الله تعالي جي انهيءَ عظيم احسان جي هوندي به انسان غافل ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي صفات جو اهو عرفان حاصل نه ٿو ڪري، جنهن ذريعي الله تعالي جا اهي اسرار ۽ راز مٿس ظاهر ٿين، جيڪي سندس اندر موجود آهن. انسان اندر ۾ انهيءَ ذات باري تعالي جو مسڪن آهي. اهو ئي سبب آهي، جو پنهنجي ذات جي سڃاڻ سان هو عرفان الاهي حاصل ڪري ٿو. امام غزالي پنهنجي ڪتاب 'ڪيمياءِ سعادت' جي شروع ۾ لکي ٿو، واضح هجي ته پنهنجي نفس جي معرفت الله تعالي جي معرفت جي ڪنجي

آهي.انهيءَ ڪري چيو ويو آهي: "من عرف نفسهٗ فقد عرف ربهٗ." (جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، ان پنهنجي رب کي سڃاتو.)( 4)

وحدت الوجود جي صوفين وٽ اها معنيٰ ڏسي وئي آهي ته خدا جي ذات کان ٻاهر ڪائنات ۾ ڪا به شيءِ وجود نه ٿي رکي يا جو ڪجهه به موجود آهي، سو سڀ خدا ئي آهي. اهلِ ظاهر وٽ خدا ڪائنات جي سلسلي کان ٻنهه هڪ ڌار ذات آهي، جڏهن ته صوفين وٽ خدا پاڪ ڪائنات جي سلسلي کان ڌار نه آهي. ڌاڳي کي جيڪڏهن ڳنڍيون ڏنيون وڃن ته انهن جي هستي جيتوڻيڪ ڌاڳي کان الڳ نظر اچي ٿي، پر حقيقت ۾ ڌاڳي کان سواءِ ڳنڍ ڪا به ڌار شيءِ نه آهي.

قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ اهو ئي عڪس صاف ۽ واضح نظر اچي ٿو. هو چوي ٿو ته، پڇو ٿا ته حقيقي ذات ڪٿي آهي ؟ پر حقيقي سائين دل ۾ ۽ اوهان ۾ ئي سمايل آهي. مطلب ته دل ۾ ئي موتي ۽ ماڻڪ پيا آهن، فقط پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ جي ئي ضرورت آهي.

" دلَ لدرِ دَرياءُ، پُڇين ڪيان سَمُوندرَ ڪَلِ
ماڻِڪ اِي سَرياءِ، چڱي چوکا نه ڪَٿِين!"
(بيت. 4، ص. 160)

"(اي هنجهه) درياءُ تنهنجي دل جي اندر آهي، ٻاهر سمنڊ جو پڇين !، ماڻڪ اهي اتي ئي تو وٽ موجود آهن، سهڻا سٺا چونڊي چو نه ٿو ڪٽين."
(قاضي قادن جو رسالو.ص. 160)

"صوفي مت ۾ ڪائنات ۽ خدا کي سمجهڻ ۽ سچائي پروڙڻ لاءِ پاڻ سڃاڻڻ ضروري آهي ۽ قاضي قادن پاڻ سڃاڻڻ تي زور ڏئي ٿو. تصوف جو روح وحدت الوجود وارو نظريو آهي، جنهن مطابق جيڪي ڪجهه آهي اهو خدا مڪمل وحدت ڪل آهي. هي ڪثرت مظهر ئي ان وحدت جا حصا آهن جن سان اهو وحدت جو تصور مڪمل ٿئي ٿو. تنهن ڪري خدا ڪا پري جي يا الڳ ٿلڳ شيءِ ناهي. قاضي قادن جو به متو آهي ته پرين هر هنڌ ۽ هر دائري ۾ موجود آهي. ساڳئي وقت ان کي پسڻ لاءِ پنهنجي خودي ختم ڪرڻ ۽ وجود وڃائڻ تي به زور ڏنو اٿس."(5)

قاضي قادن پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ڪندي فرمائي ٿو، جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ سڃاڻيندين ته تو ۾ ئي انهيءَ ذات جو جلوو نظر ايندو. ڪائنات ۾ جيڪي به مظهر

جدا جدا نظر اچن ٿا، انهن ذات حقيقي مان ئي وجود ورتو آهي. يعني ڪائنات ۾ ڪنهن به شيءِ ڪي حقيقي وجود به آهي ۽ هر هڪ شيءِ ۾ ذاتِ حقيقي جو جلوو به آهي.

"پيرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءَ ٿِيو
تهان ڏار نہ سُپرين، مُنهُ مَنجهئين پاءِ."
(بيت. 1، ص.166)

"صوفين وحدت الوجود جي موضوع ڪي عجيب غريب اشارن ۽ ڪناين سان، نهايت فڪر انگيز طريقي سان بيان ڪيو آهي. ڪن خدا ڪي معشوق، ساقي يا شمع سان ڀيٽيو آهي، تہ ڪن انسان ڪي عاشق، معشوق ۽ پروانو ڪوٺيو آهي. سڀ مذهب ۽ دين هڪ ابدي سچ جا ڪرٽا آهن. سڀ ان ابدي حسن ۽ ازلي حقيقت جا ڳولائو آهن. اهل تصوف وٽ عشق جون چند منزلون آهن: آرزو ۽ جستجو، ديدار ۽ وصل. آخري منزل لاءِ چون ٿا تہ اتي آهي، جتي 'طالب' ۽ 'مطلوب' هڪ ٿي وڃن ٿا. ان ۾ 'ذڪر' ۽ 'ذاڪر' ۽ 'مذڪر'، 'مظهر' ۽ 'ظاهر' ۽ 'ظهور'، 'خلق' ۽ 'خالق' ۽ 'مخلوق'، 'عشق' ۽ 'عاشق' ۽ 'معشوق'، اتي هڪ ٿي وڃن ٿا جيئن قطرو درياءَ ۾ فنا ٿي وڃي." (6)

جڏهن پنهنجي نفس کي ترڪ ڪبو تڏهن فنا في الله جو درجو حاصل ٿيندو آهي ۽ ايتري تائين جو خدا پاڪ کان سواءِ ڪين ٻيو ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. چاڪاڻ تہ رنگيندڙ بہ هو خود آهي ۽ حقيقي رنگ جيڪو ڏسڻ ۾ ايندو آهي سو بہ هو خود آهي. مطلب تہ حقيقت هڪ ئي آهي ۽ هو پنهنجي مختلف رنگن ۾ پاڻ ئي نظر ايندو آهي.

"پاڙيِ وانگي رنگ ۾، پاڙو واڻ رَتاسِ،
رڱيندڙ آ پاڻ ڏٽي، سَيي رنگ سَنداس."
(بيت. 3، ص.171)

صوفين جو خيال آهي تہ: "انسان هن ڪائنات جو هڪ جُز آهي. ان ڪي تصوف جي اصطلاح موجب عالم اصغر چون ٿا. ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ وهي واپري پيو، ان جا عنصر انسان ۾ بہ موجود آهن. ان صورت ۾ انسان گهٽين خوبين، ۽ الاهي اسرارن جو مجموعو بڻجي پيو آهي. هر شيءِ، ٻي شيءِ سان ڳنڍيل آهي: خدا ۽ انسان، مادو ۽ من، زمان ۽ مڪان، نگهباني ۽ آزادي، فطرت ۽ تصوف، مطلب تہ اتي ڪا ٻيائي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪانهي. انسان کي جڏهن اهڙو قرب ۽ وصال نصيب ٿئي ٿو تڏهن هن جي نيستي، هستي ۾ ظاهر ٿئي ٿي، عبد مان اعلي بڻجي پوي ٿو."(7)

قاضي قادن فرمائي ٿو تہ جڏهن خدا تعالي جي خلقيل خوبصورت ڪائنات پسجي ٿي ۽ اونهي خيال سان اسان ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا تہ هي جهان هڪ محل مثل آهي ۽ ان جا در يعني عجيب نظارا لک آهن ۽ وري انهن نظارن جي اندر سوين ۽ ڪروڙين ڳڙکيون آهن. "جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن رڳو حقيقي صاحب ئي سامهون آهي."

" ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين سهسين ڪڙڪيان،
جان ئي ڪرين پرک، تان ئي سڄڻ سامهان."
(بيت. 4، ص. 77)

مطلب تہ هي محل (ڪائنات) جنهن کي لکن جي تعداد ۾ در ۽ وري ڪروڙين دريون آهن، اها سڄي جوڙجڪ حقيقي ذات ئي آهي.

"حق باري تعالي جي ذات واحد آهي، عشق جي پٽيءَ تي فقط 'الف' ئي لکيل هوندو آهي، جيڪو سالڪ کي پڙهڻو آهي. 'الف' جي انهيءَ نقطي ۾ صوفي لاءِ سارو خزانو لکيل آهي. 'ب' پڙهڻ سان ڪجهہ بہ حاصل ٿيڻو ناهي، 'الف' جو اهو نقطو نيارو آهي." (8)

قاضي قادن فرمائي ٿو تہ حقيقي عشق جي منزل تڏهن حاصل ٿئي ٿي، جڏهن خوديءَ کي ختم ڪبو ۽ ان لاءِ لوڪ کان لاڳاپا ترڪ ڪرڻا پوندا. مطلب تہ دنيا جا سڀ اکر وساري، فقط شروع وارو اکر ' الف' ( الله جي نالي جو پهريون اکر ) ئي ياد ڪرڻ سان ئي سموري دنيا اڇي سامهون بيهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن ماڻهو رب کي سڃاڻي ٿو تہ پوءِ هو سڀ کي سڃاڻي ٿو.

"اکر ٻيا وسارِ، الف اڳيون ئي ياد ڪر،
سو تون ڏيئو ٻار، جو نہ اجهامي ڪڏهين."
( بيت. 1، ص. 80 )

" 'الف' جو نقطو سڃاڻڻ لاءِ عشق جي باهہ جوءِ انسان جي اندر ۾ دکيل هجڻ بہ ضروري آهي، جنهن ۾ سالڪ جون سموريون نفساني خواهشون سڙي ختم ٿي وڃن تہ جيئن هن جي اندر مان ' مان ' وارو فرق مٽجي وڃي ۽ پوءِ ئي اهو سچو عاشق بڻجي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پوندو. اها عشق جي باهه جي تپش آهي جو صوفي دنيا جا سمورا لڳ لاڳاپا لاهي هڪ ’خدا ‘ جي فڪر ۾ مستغرق ٿي وڃي ٿو.“ (9)

هن سموري جهان ۾ فقط حقيقي ذات جو جلوو آهي ۽ ٻئي هر شيءِ ان جو عڪس آهي. خدا پاڪ ۽ بندي جي وچ ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. حقيقي ذات ڪي سڃاڻڻ لاءِ پنهنجي اندر جي نفس ڪي مارڻو پوي ٿو، پر جنهن جي اندر ۾ سچو عشق آهي تہ اهو هن نفس ڪي مارڻ جون سڀ منزلون طئي ڪندي، سولائيءَ سان وڃي پرينءَ سان ملي ٿوءِ هر عڪس ۾ سندس خدا پاڪ جو جلوو نظر اچي ٿو. بنيادي طور تي ظاهري علمن سان معرفت جو مُنجهہ لهڻ ناممڪن آهي، ٻيو تہ هن ڪائنات جي وسعت ۽ گهرائيءَ جا راز، حقيقي عشق جون رمزون ظاهري علمن پڙهڻ سان حاصل نہ ٿي سگهنديون آهن. بظاهر ظاهري علم انسان ڪي حساس ۽ بيچين ڪري ڇڏي ٿو، پر باطني اسرارن ڪي دنياوي علمن سان سمجهڻ ناممڪن آهي، مطلب تہ حقيقي رازُ لٽان حاصل ٿي ڪين سگهندا.

قاضي قادن فرمائي ٿو تہ:

“ ڄون ڄون پاڙهہ ۽ لڪ، ڪوڙين ڪُتيبان پڙهين،
ايءُ سَيائي سِڪ، جان جان پِريان نہ مِڙين.”
(بيت.2، ص.81)

“جيستائين جو تون لِڪ ۽ پڙهہ ۾ رڌل آهين، تہ پو ڪٽي ڪوڙين ڪتابڙا پڙهين، تہ بہ سڄي ٻاراٽي ٻُڌ واري سڪيا ڇئبي، جيستائين جو (تو ۾ اها ڄاڻ ۽ روشني پيدا نہ ٿي آهي جو) حقيقي محبوب سان تنهنجو وصال ٿئي.”
(قاضي قادن جو رسالو، ص.81)

پاڻ سڃاڻڻ سان ئي دل ۽ ذهن ۾ پاڪيزگي پيدا ٿئي ٿي انسان جي دل ڪي اهڙو تہ يقين ۽ اطمينان حاصل ٿئي ٿو، جهڙو ڪنهن حقيقت جي مشاهدي ڪان پوءِ حاصل ٿيندو آهي. اهڙيءَ ريت رب پاڪ سان عبديت ۽ انسيت جو تعلق پيدا ٿي ويندو آهي. جيڪا دل هر وقت خدا پاڪ جي ياد، محبت ۽ عظمت سان پريل هوندي آهي، ۽ جنهن جو هر دنيوي تعلق فنا ٿي ويندا آهي، تہ ان ئي دل ڪي معرفتِ الاهي جي منزل نصيب ٿيندي آهي.

قاضي قادن ٻڌائي ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

" ڪنز ُقدورِي، ڪافِيہ، ڪي ڪين َپڙهيام،
سو پاڙه ئي ڪو ٻيو، جان ئي پرينَ لڌامِ."
(بيت.5، ص. 83)

مطلب تہ فقہ، صرف نحو ۽ ڪنز، قدوري ۽ ڪافيہ پڙهڻ سان بہ ڪجھ هٿ حاصل ڪين ٿيندو ۽ نہ ئي حقيقي پرين جو جلوو نصيب ٿيندو، اهو علم ئي ڪو ٻيو آهي جتان پرينءَ جو پتو پوي ٿو.

صوفين وٽ علم اهو آهي جو حق جي راھ تي رسائي ٿو، جنهن سان محبوب حقيقي ملي. هنن پنهنجي ذڪر فڪر، رياضت، ڪشف ۽ وجدان ذريعي اهو علم حاصل ڪيو، جيڪو مٿن هڪ الاهي عنايت آهي. سالڪ جو قلب کي روشن ڪري ۽ اندر ۾ عشق جي تڙپ پيدا ڪري.جيئن تہ قاضي قادن هڪ بزرگ، هڪ عالم ۽ صوفي شاعر هو، تنهن ڪري ُهو پنهنجي زماني ۾ ماڻهن جي ظاهري عبادتن ۽ عام علمن کي ننڌي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ ماڻهن کي خبر بہ نہ آهي تہ حقيقي ذات ڪٿي آهي؟ رڳو ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ سڄو ڏينهن عبادت ڪن ٿا، پر سچائي ۽ سمجهي نہ سگهيا تہ حقيقي پرينءَ جو جلوو ڪٿي جاري ۽ ساري آهي؟ پر اها ذات تہ پاڻهي اندر پاڻ آهي.

" َپڙهندو َپئي ويو، ڪوڙين لک ُقرانڻ،
َلکي لوڪ َنہ سگهيو، پاڻي اندرِ پاڻ."
(قاضي قادن جو ڪلام، هيرو نڪر، بيت. 4، ص. 77)

" دنيا جا ماڻهو ڪروڙين لکين دفعا قرآن پڙهندا پئي رهيا، پر انهن کي اها َسمڪ پئجي نہ سگهي تہ پرين پنهنجي اندر ۾ ئي سمايل آهي." (10)

قاضي قادن حقيقت کي پرکڻ، ڳولڻ ۽ سمجهڻ لاءِ دنياوي علمن کي اهميت نٿو ڏئي، ڇاڪاڻ تہ ُهو ان وقت جي سماجي لاهن چاڙهن ۽ انساني ذهن جي ڇاڻ پڻ رکندڙ هو.

"ڪنز قدوري، ڪافيہ جي پڙهي پروڙين سڀ،
ڪر َمندي ماڪوڙي ڪوَه ۾ پيئي ڪڇيَ لپ."
(بيت. 5، ص.83)

سواءِ اهل معرفت ۽ اهل دل جي رستي ۽ مشاهدي جي، حقيقي ذات جي ڳولا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لاءِ دنيا جا سيئي سچا ڪتاب پڙهجن، ته به علم ايترو ٿورو ڇڻ ڪوهه اندر ماڪوڙي پئي آسمان جي ڪڇ ڪري.

قاضي صاحب فرمائي ٿو ته، سچا عاشق پنهنجي حقيقي محبوب جي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ ُگم ۽ مشغول هوندا آهن ۽ اهو ئي پنهنجي ُسپرينءَ جي مطالعي وارو ساڳيو لفظ يا حرف وري وري پيا پڙهندا رهندا آهن.

"لوڪان نحو صَرُف، مون ُمطالع ُسپرين،
سوئِي َپڙهيو سوئي پڙهان، سوئي سو حرُف."
(بيت. 8، ص. 85)

"عام پڙهندڙ ۽ پڙهائيندڙ ماڻهو سڀ نحو صرف جي علم پڙهڻ ۾ مشغول آهن، پر آءٌ محبوب جي مطالعي ۾ مشغول آهيان." (قاضي قادن جو رسالو، ص. 85)

'خدا پاڪ' انسان جي اندر موجود آهي، پر ان کي پروڙڻ جي ضرورت آهي. پاڻ تان صوفين جو چوڻ آهي ته، غفلت جي چادر لاهي ڦٽي ڪر، پنهنجي اندر مان خوديءَ جا بت ڪيرائي ڀچي ڀور ڀور ڪر ۽ پاڻ ۾ لڪيل رازن کي پرک. مطلب ته انسان جي اندر ٻاهر اهو ئي هڪ خدا موجود آهي، اهو ئي جدا جدا صورتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو، اهو ئي عاشق آهي، اهو ئي معشوق آهي، يعني هر صورت، هر مظهر ۾ فقط ئي فقط ذات واحد موجود آهي، پر هو ڪثرت ۾ نظرن کان غائب آهي. ان حقيقت کي سمجهڻ لاءِ سالڪ پاڻ سان جهد ڪري پنهنجي نفس کي ماري ته پوءِ ئي هو اهو ڄاڻي وٺندو ته خدا پاڻ آدم جي روپ ۾ پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ هر هنڌ موجود آهي. يعني ڪل ڪائنات ۾ سندس ئي عڪس آهي ۽ هن جو ئي نالو آهي.

"سڄڻ منجهه ُهئامِ، مون ويئي واءُ ٿِيا،
هيڏان هوڏان َهٿڙا، هيئين جاڙ وِڏام."
(بيت. 3، ص. 151)

"حقيقي مون سيڻ، وسن شهر حقيق ۾،
ڳالهين چون َحقِيقِيان، چون حقيقي ويڻ."
(بيت.1،ص.155)

حقيقي سالڪ هر وقت، هر جاءِ پنهنجي پرينءَ جوجمال پسندو آهي ۽ پاڻ کي ڪنهن به وقت پرينءَ کان الڳ نه سمجهندو آهي، ڇاڪاڻ ته هو ان منزل تي پهتل هوندو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي، جتي هو "آءٌ" ۽ "تون" کي ترڪ ڪري، فقط "تون ئي تون " جو جلوو حاصل ڪندو آهي ۽ هر رنگ،هر منظر ۾ سُپرينءَ کي ئي پسندو آهي.

اهڙي طرح قاضي قادن انسان کي هدايت ڪندي فرمائي ٿو ته، حقيقي ذات لاءِ جن کي سڪ آهيُ اُهي هيڏانهن، هوڏانهن نه ڏسن ڇاڪاڻ ته ان ذات جو عڪسُ اُنهن ۾ ئي موجود آهي.

" اسين سِڪون جن کي، تان سي اسين پاڻ،
هاٽي وچ گمان، سهي سڃاتا سُپرين."
(بيت.2،ص.171)

"اسين جن لاءِ سڪون پيا سي ته اسين پاڻ آهيون ،اي گمان،اي شڪ شُبها ! تون پڇي پري ٿيءُ، جو محبوب صحيح طرح سڃاڻجي ويا." (قاضي قادن جو رسالو ،ص.171)

قرآن پاڪ ۾ پڻ ارشاد آهي ته: "خدا پاڪ انسان جي ساھ جي رڳ کان به وڌيڪ سندس ويجهو آهي." ڏٺو وڃي ته انسان ۾ موجود اعليٰ صفتون پڻ ان جو مظهر آهن. قاضي قادن فرمائي ٿو ته، الله پاڪ جون صفتون ۽ تعريفون ڪهڙيون ڪهڙيون ڇوان، يعني ڇوڻ کان بلڪل مٿي آهن، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن لک ڏڙ هجن، هر هڪ ڏڙ تي لکين سر ڏين،هر سر ۾ لکين وات ۽ هر هڪ وات ۾ لکين زبانون هجن ته به خدا جي ساراھ اٽپوري رهجي ويندي ۽ خدا جي ثنا جو حق ادا نه ٿي سگهندو. ڇاڪاڻ ته رب پاڪ جا عجائبات ۽ منظرن جا ڏيک جدا جدا، نون نمونن سان سڀ ڪنهن جي جيءَ سان سمايل آهن، جو ته اُهي ڪروڙين ۽ اڻ ڳڻ آهن .

" جي مون ڏيئين لک ٿڙ ڏڙ ڏڙ لک سِران،
سِر سِر مُهان ٿِيئِن، مُهِ مُهِ لک ڇيان،
سڀي ڇِيان تِڪيان، تڪڙيان لوان،
صِفتِ تنهنجي راڄيا ! توهئون ڪيئن ڪران!"
(بيت. 5، ص .72)

مطلب ته: " اهي سڀ زبانون ڳائڻ جون تکيون هجن ۽ انهن کي ( تنهنجي واکاڻ ۾ ) تڪڙو ورايان، ته به اي سين جا سائين ! تنهنجي لائق ساراھ آءٌ ڪا پوري ڪري سگهان !" ( قاضي قادن جورسالو،ص .72)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## نتيجو:

مجموعي طور تي قاضي قادن جي ڪلام جو بنيادي نقطو پاڻ سڃاڻڻ جي فلسفي تي ٻڌل آهي. قاضي قادن انهيءَ فلسفي جي گهڻيُ لِتار ڪئي آهي. سندس شاعريءَ تصوف جي رنگ ۾ رڱيل آهي. هو ور ور انهيءَ ڳالھ تي زور ڏئي ٿو تہ خدا پاڪ ڪنهن ٻئي هنڌ نہ آهي، پر انسان جي اندر ۾ ئي وسي ٿو. هر جاءِ پرينءَ جو ئي جمال آهي،انهي جمال کي پسڻ لاءِ پنهنجي نفس کي ترڪ ڪرڻ سان گڏ اندر جي خوديءَ کي ختم ڪرڻو پوندو. پنهنجي اندر مان 'مان' کي ڪڍي ڦٽي ڪرڻ گهرجي، دنياوي علمن کي اها اهميت نہ ڏجي، جيڪا اصل ذات لاءِ گهربل آهي. مطلب تہ حقيقي ذات انسان ۾ ئي موجود آهي، انسان کان ٻاهر نہ آهي. هن ذات جي ديدار لاءِ دنيا جا لڳ لاڳاپا ۽ پابنديون پاڻ تان هٽائڻيون پونديون، ۽ پوءِ وڃي ان اصل ڪل جو اظهار ٿيندو ۽ ماڻهو ان حقيقت جي معرفت حاصل ڪري ويندو، جنهن حقيقت خود پنهنجي پاڻ کي دنيا جي رنگن ۽ جمال ۾ ورهائي ڇڏيو آهي.

### حوالا


1. بکري، محمد معصوم، مير، مترجم: مخدوم امير احمد، 'تاريخ معصومي'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوروسنڌ،2006ع، ص: 195.
2. پرڳڙي، عبدالغفور، 'زندگي جو سفر' ( رومي،شاھ ۽ اقبال)، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، مئي 2000ع، ص: 242.
3. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'قاضي قادن جو رسالو' (تحقيق و ترتيب)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو. 1999ع، ص: 170.
4. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، 'سچل جو پيغام' مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور،نومبر 2004 ع، ص:187.
5. ميمڻ،غفور، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جوفڪري پس منظر'، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،ڪراچي يونيورسٽي، 2002 ع ،ص: 91.
6. گرامي،غلام محمد، 'مشرقي شاعري جا فني قدر ۽ رجحانات' سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/ حيدرآآباد سنڌ، 1992 ع، ص:56.
7. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، 'شاھ لطيف جي شاعري ۾علامت نگاري'، شاھ عبدااللطيف ڀٽ شاھ


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه. حيدرآباد، 1992ع، ص.234.
8. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، ‘سچل سرمست ۽ ان جا همعصر’، ثقافت کاتو سنڌ، 2011ع، ص.187.
9. ساڳيو،ص.188.
10. ٺڪر، هيرو، ‘قاضي قادن جو ڪلام’ (سنڌ ۾ ان جوايياس)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص. 77.

**نوٽ:** قاضي قادن جا بيت،ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي رسالي“قاضي قادن جو رسالو” (تحقيق و ترتيب) مان ورتا ويا آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair